
# سکڻ سيکارڻ جي

## حلقن جو جدول

# والدين جا 3 حق

(قسط پهرين)

26 جون 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

(1): مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ (2): دُعا ياد ڪرائڻ: 5 منٽ (3): جائزو: 5 منٽ ڪُل وقت: 15 منٽ

اج جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ والدين جا 3 حق (ٻيون حصو) سيکاريا ويندا ۽ ڪنهن قوم کان خطري جي وقت جي دعا ياد ڪرائي ويندي. ۽ آخر ۾ نيڪ اعمالن جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: ”مون تي دُرُود شريف پڙهو، الله پاڪ توهان تي رحمت نازل فرمائيندو.“ (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والدين جا 3 حق (قسط پهرين)

### آيت مبارڪ

اَنِ اشْكُرْ لِیْ وَ لِوَالِدَیْكَ ؕ

(پاره :21،سورۃ لقمان :14)

ترجمو ڪنز العرفان: تہ منهنجو ۽ پنهنجي والدين جو شڪريو ادا ڪيو.

### فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”وقت تي نماز پڙهڻ کان پوءِ افضل عمل والدين سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ آهي.“ (2)

---

1... جامع صغير ، صفحه: 310،حديث:5032۔

2... بخاری ،کتاب الجہاد والسير ،باب فضل الجہاد و السير،صفحه: 724،حديث2782،ملخصًا۔

# والدين جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ۽ ان جي رسول صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي والدين سان نيڪي ۽ ڀلائي جو حڪم ڏنو آهي. هي جنت ۾ وني وڃڻ وارو عمل آهي. والدين جا ڪوڙ سارا حق آهن، جن مان 3 اسان ڀريان سکي چڪا آهيون 3 اَڄ سکنداسين. اچو! ڀريان سکيل حقوق دهرايون ٿا: (1) اطاعت ۽ فرمانبرداري (2) والدين کي راضي رکڻ (3) والدين جي خدمت ڪرڻ.

وڌيڪ 3 حقوق جيڪي اَڄ سکڻا آهن:

**ڀهريون حق: والدين جو ادب ۽ احترام**

وضاحت : دينِ اسلام والدين جي ادب ۽ احترام جي گهڻي تاڪيد فرمائي آهي. والدين جي ادب ۽ احترام جون ڪيتريون ئي صورتون آهن. مثال طور: ۞ والده يا والد کي ايندو ڏسو ته تعظيم طور اٿي بيهو.۞ سندن اکين ۾ اکيون وجهي ڳالهه نه ڪريو.۞ جيڪڏهن اهي سڏين ته فوراً حاضر ٿيو.۞ ادب سان ۽ ’اوهان‘ چئي ڳالهايو.۞ سندن موجودگيءَ ۾ هرگز پنهنجو آواز بلند نه ڪريو، وغيره وغيره. اڄڪلهه هن حق ڏانهن توجهه تمام گهٽ آهي. ۞ ماءُ پيءُ جي سامهون آواز بُلند ڪرڻ، ۞ اُنهن سان اُلجهڻ، وڙهڻ، ۞ ”توهان اسان لاءِ ڪيو ئي ڇا آهي؟“ جهڙا بي ادبي وارا ۽ دل ڏکوئيندڙ جملا چوڻ، ۞ سندن غيبت ڪرڻ، ۞ دوستن ۽ يارن جي سامهون سندن گلا ڪرڻ وغيره عام ٿي ويو آهي. بلڪ ماءُ پيءُ کي مارڻ ۽ معاذ الله! قتل ڪري ڇڏڻ جون خبرون به اخبارن ۾ ڇپجنديون رهنديون آهن. الله پاڪ اسان کي ماءُ پيءُ جي بي ادبين کان محفوظ فرمائي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي : ۞ پنهنجي پيءُ کان اڳيان نه هلو. ۞ ڪين گاريون نه ڏيو. ۞ سندن ويهڻ کان اڳ نه ويهو.

۞ ۽ کين نالو وني نہ سڏيو.[1]

**ٻيو حق : والدين جي لاءِ دُعا ڪرڻ**

وضاحت: جن جا والدين حيات آهن، اهي بہ سندن لاءِ دعا ڪن ۽ جن جا والدين وفات ڪري چڪا آهن، اهي تہ لازمي دعا ڪن، ڇوتہ هاڻي کين دعا جي ئي وڏيڪ حاجت آهي. نبي ڪريم، رؤوف رحيم فرمايو آهي : والد جي وفات ڪان پوءِ سندن لاءِ بخشش جي دعا ڪرڻ، نيڪي آهي[2]. مَنقُول آهي: والدين لاءِ دعا گهرڻ ڇڏي ڏيڻ، رزق ۾ بي برڪتيءَ جو سبب آهي[3].

**ٽيون حق: والدين جي متعلقين سان صلہ رحمي ڪرڻ**

وضاحت: يعني والدين جي مِٽن مائٽن ۽ دوستن وغيره سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ.
رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهہ ۾ هڪ شخص عرض ڪيو: "يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! ڇا والدين جي وفات ڪان پوءِ بہ انهن سان نيڪي ڪرڻ جي ڪا صورت آهي؟"
پاڻ فرمايائون : ها، ۞ سندن نماز جنازه پڙهڻ، ۞ انهن جي لاءِ بخشش جي دعا گهرڻ، ۞ سندن وصيت کي پورو ڪرڻ، ۞ سندن عزيزن سان صِلہ رحمي ڪرڻ، ۞ ۽ انهن جي دوستن جو احترام ڪرڻ.
حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ ڀيري پنهنجي سواريءَ تي سوار ٿي ڪيڏانهن وڃي رهيا هئا، رستي ۾ کين هڪ شخص مليو. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ان شخص کي پنهنجي سواريءَ تي چاڙهيو ۽ پنهنجو مبارڪ عمامو (پٽڪو) بہ کيس عطا فرمايو. صحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان جي مغفرت فرمائي، اوهان پنهنجي سواري ۽ عمامو هن شخص کي ڇو عطا فرمايو؟
حضرت عبدالله بن عمر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: هن شخص جو پيءُ منهنجي والد

---

1 الجامع في الحديث لابن وهب ،صفحہ:212،حديث:139۔
2 معجم الصحابہ لابن قانع،ابو اسيد الساعدی،جلد:3،صفحہ:37۔
3 معجم الصحابہ لابن قانع،ابو اسيد الساعدی،جلد:3،صفحہ:37۔

حضرت عمر بن خطاب رضی اللہ عنہ جو دوست هو. ٻنهي جهانن جي تاجدار، مڪي مدني سلطان صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جن فرمايو آهي : پنهنجي پيءُ جي دوستن سان حُسنِ سلوڪ ڪرڻ سڀ کان وڏي نيڪي آهي.[1]

## دهرائي

اڄ اسان والدين جا هي 3 حق سکيا آهن، ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو: (1): والدين جو ادب ۽ احترام (2): والدين جي لاءِ دُعا ڪرڻ (3): والدين جي مُعتلقين سان صله رحمي ڪرڻ.

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

### ڪنهن قوم کان خطري جي وقت جي دعا

اَللّٰهُمَّ اِنَّا نَجْعَلُكَ فِيْ نُحُوْرِهِمْ وَنَعُوْذُبِكَ مِنْ شُرُوْرِهِم

ترجمو: اي الله! اسان توکي ئي پنهنجي دشمنن جي آڏو ڪيون ٿا ۽ سندن شرارتن کان تنهنجي پناهه گهرون ٿا. (2)

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

(1): سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ (3): هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَةُ الْمُلْک پڙهي يا ٻڌي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آية الكرسي، تسبيح فاطمه ۽ سُوْرَة الْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟

1 مسلم ،كتاب البر والصلة والآداب ،باب فضل صلة اصدقاء الاب والام ونحوها،صفحه:996،حديث :2552 ـ

2⋯ سنن نسائی ،کتاب السهو ،باب التعوذ فی دبر الصلاة ،صفحه:231،حديث:1344ـ

(9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪنن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظر کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مکتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن اندر گهر پهچي ويا؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ (23): گهر ۾ درس ڏنو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سُنت مطابق لباس پهريو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ (27): (27) هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28) گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبہ ڪئي؟ (29) سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ (30) مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31) سنتّن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ (32) ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ (33) تهجد يا صلوٰة الّليل ادا ڪئي؟ (34) اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ (35) عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ (36) 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37) ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ (38) ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ (39) ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت”مدني چينل“ ڏٺو؟ (40) ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41) وقت تي قرض ڏنو؟ (42) عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جنهن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ (43) صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟

(44) مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45) فجر جي نمازڪان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46) ڪجھ نہ ڪجھ جائز ڪم ڪان پهريان بسم‌الله پڙهي؟ (47) چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ (48) اسراف ڪان بچيؤ؟ (49) ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (50) تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (51) زبان جي گناهن کان بچيا؟ (52) فضول گفتگو کان بچيا؟(53) مذاق مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟(54) عمامو شريف ٻَڌو؟(55) پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ و ثواب ڪيو؟(56) ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاهون هيٺ ڪري گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57) اسلامي ڀينرن جي هفتہ وار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58) هفتہ وار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59) هفتہ وار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60) يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61) مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62) هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ (63) هفتہ وار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64) علاقائي دورو ڪيو (65) پهريان اچڻ وارا اسلامي ڀائر هاڻي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟